SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 2000

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 2000

# سنڌ سيلز ٽيڪس آرڊيننس، 2000

# THE SINDH SALES TAX ORDINANCE, 2000

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. عملدرآمد
Implementation

3. ٽيڪس جي اهميت
Scope of Tax

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 2000

# SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 2000

# سنڌ سيلز ٽيڪس آرڊيننس، 2000

# THE SINDH SALES TAX ORDINANCE, 2000

[15 جولاءِ 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ خدمتن تي سيلز ٽيڪس لڳائي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ خدمتن تي سيلز ٽيڪس لڳائڻ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ اپاءَ وٺڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، 14 آڪٽوبر 1999 جي هنگامي حالتن واري اعلان ۽ 1999 جي پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9 جي آرٽيڪل 4 موجب ۽ ان سلسلي ۾ مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايت تي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short title and commencement**

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سيلز ٽيڪس آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2)ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 2000 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

**عملدرآمد**
**Implementation**

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، لفظ ۽ اظهار جيڪي استعمال ڪيا ويا هجن پر واضح نه هجن، انهن کي ساڳي معنيٰ هوندي، جيڪا انهن کي سيلز ٽيڪس ايڪٽ، 1990 ۾ آهي.

**ٽيڪس جي اهميت**
**Scope of Tax**

3.(1) هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب، سيلز ٽيڪسنالي هڪ ٽيڪس اوڳاڙي، لڳائي ۽ ادا ڪئي ويندي، پيش ڪيل ٽيڪس لائق خدمتن يا صوبي سنڌ ۾ مهيا ڪيل خدمتن جي ملهه جي پندرنهن سيڪڙو جي قيمت تي.

(2) هن آرڊيننس جي شيڊول ۾ بيان ڪيل خدمتن تي ٽيڪس ساڳئي طريقي ۽ وقت تي اوڳاڙي ۽ لڳائي ويندي، جيئن اها سيلز ٽيڪس ايڪٽ،1990 جي دفعات 3، 3A يا 3AA تحت لڳائڻ لائق سيلز ٽيڪس هئي، جيئن معاملو هجي.

(3) سيلز ٽيڪس ايڪٽ، 1990 جي سمورين گنجائشن ۽ جوڙيل قاعدن ۽ ان سلسلي ۾ جاري ڪيل نوٽيفڪيشنز، حڪمن ۽ هدايتن موجب ضروري تبديلين سان هن آرڊيننس موجب ٽيڪس جي جمع ڪرڻ ۽ ادائگي تي لاڳو ٿيندو، جيئن اهي لاڳاپايل هجن:

(a) طريقو، وقت ۽ ادائگي جو طريقو،

(b) رجسٽريشن ۽ ڊي رجسٽريشن؛

(c) رڪارڊ رکڻ ۽ آڊٽ؛
(d) لاڳو ٿيندڙ دائره اختيار؛
(e) ڏنڊ ۽ ڪارروايون؛ ۽
(f) ٻيا سمورا ساڳي نوعيت جا ۽ لاڳاپيل معاملا.

شيڊول
(ڏسو دفعه (2)3)

1.هوٽلس، شادي هالن، ڪلبن ۽ ڪيٽررس طرفان مهيا ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون:
(a) هوٽلن طرفان مهيا ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون.
(b) شادي هالن ۽ لانس طرفان مهيا ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون.
(c) ڪلبن طرفان مهيا ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون.
(d) ڪيٽررس طرفان مهيا ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون.
2. ٽي وي ۽ ريڊيو تي اشتهار سواءِ هيٺين اشتهارن جي:
(i) جيڪڏهن حڪومتي ايجنسي جي تعاون سان صحت، تعليم لاءِ هجي؛
(ii) جيڪڏهن پاپوليشن ويلفيئر ڊويزن جي تعاون سان يو ايس ايڊ جي مالي سهڪار سان هلندڙ ساٿي تعليمي سڏاري واري مهم لاءِ هجي؛
(iii) عوامي خدمت جو پيغام جيڪڏهن ٽيليويزن تي فطرت يا يونيسيف لاءِ ورلڊ وائيلڊ لائيف جي مالي مدد سان هلايو وڃي؛
3.ٻين ماڻهن جي طرفان بااختيار بڻايل شخص طرفان مهيا ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون.
(a) ڪسٽم ايجنٽس؛

(b) شپ چاندلرس؛
(c) جهاز تي سامان چاڙهڻ وارا قلي؛
(d) ڪوريئر خدمتون.
5. خدمتون جيڪي بيوٽي پارلرس، بيوٽي ڪلينڪس، سلمنگ ڪلينڪس طرفان ذاتي توجهه لاءِ مهيا ڪيون يا پيش ڪيون وڃن.
6. خدمتون جيڪي لانڊريز ۽ ڊرائي ڪلينرس طرفان مهيا ڪيون يا پيش ڪيون وڃن.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**